# طرِيقت تورِينِ

## سر ڪلياڻ ست وار ترتيب

رسالو غلام محمد شاهواڻي



تحقيق و ترتيب

صراط بلوچ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

سر ڪلياڻ سٽ وار **"طِريقت تورِينِ"** نالي سان لطيفي دوستن جي خدمت ۾ نهايت ئي خلوص سان پيش ڪندي اهو چوندس تہ لطيفي سفر جي ڪنهن هڪ بہ پانڌيئڙي کي جيڪڏهن هن مان لاڀ مليو تہ منهنجو اجر جڻ مون کي ملي ويو.

سر ڪلياڻ جي سٽ وار ترتيب کي هن طرح رکيو ويو آهي. پهرين بہ سٽا بيت انهن بعد ٽي سٽا بيت، انهن بعد چار سٽا بيت ۽ آخر ۾ پنج سٽا بيت آندا ويا آهن.

هر هڪ بيت جي آخر ۾ داستان ۽ بيت نمبر جي نشاندهي ڏنل آهي.

هر هڪ بيت جي آخر ۾ بيت جي قسم جي نشاندهي پڻ موجود آهي.

## بيتن جي ڏسٽي

آخر ۾ بيتن جي الف بي وار ڏسٽي پيج نمبر سميت ڏني وئي آهي جيڪا پڻ پڙهندڙن جي لاءِ تمام گهڻي ڪارآمد ثابت ٿيندي.

صراط بلوچ

حيدرآباد

ڊسمبر 2022

## بيتن جي تعداد جي نشاندهي

ٻه سٽا بيت 25

ٽي سٽا بيت 38

چار سٽا بيت 10

پنج سٽا بيت 4

ٽوٽل بيت 77

## بيتن جي قسمن جي نشاندهي

**ٻه سٽا بيت**

سورٺا 11

دوها سورٺا ميل 14

**ٽي سٽا بيت**

دوها ميل 27

سورٺا ميل 11

**چار سٽا بيت**

دوها ميل 5

سورٺا ميل 5

**پنج سٽا بيت**

دوها ميل 4

## صفحن جي نشاندهي


ٻه سٽا بيت صفحو 1 کان 8

ٽي سٽا بيت صفحو 9 کان 15

چار سٽا بيت صفحو 15 کان 18

پنج سٽا بيت صفحو 19 کان 20

بيتن جي الف بي وار ڏسٽي صفحو 21 کان 25

# ٻہ سٽا بيت

1

وَحدَهُ جي وَڏِيا، ڪِيا اِلاَاللهُ اَڏَ،
سَي ڏَڙَ پَسِي سَڏَ، ڪِنهن/ ڪِهَ) اَياڳِيءَ نہ ٽٽي.
دوھو سورٺو ميل ( ڪلياڻ1-12)

2

وَحدَهُ لَا شَرِيڪَ لَہُ، ايُ هيڪَڙائِيءَ حَقُ،
ٻِيائِيءَ ڪي ٻَڪُ، جَنّ وِڏو سي وِرَسِيا
دوھو سورٺو ميل( ڪلياڻ1-16)

3

پاڻهِين پَسي پاڻَ ڪي، پاڻهِين مَحبُوبُ،
پاڻهِين خَلقي خُوبُ، پاڻهِين طَالِبُ تَنّ جو.
دوھو سورٺو ميل( ڪلياڻ1-20)

4

سو هِيءُ، سو هُو، سو اَجلُ، سو اللهُ
سو پِرِينُ، سو پَساهُ، سو ويرِي، سو واهَرُو.
دوھو سورٺو ميل( ڪلياڻ1-21)

5

پَڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائِيءَ جو جي لَهِين،
هُنَا اَڳِهين گَڏُ، ٻُڌَڻَ ۾ ٻہ ٽِيا.
سورٺو ( ڪلياڻ1-22)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

6

ايڪُ قصرُ، دَرَ لَڪَ، ڪوڙين ڪَٽِسِ ڳِڙڪِيُون،
جيڏانهن ڪَرِيان پَرڪِ، تيڏانهن صاحِبُ سامُهون.
سورنو ( ڪلياڻ1-23)

7

اڳهِي اَڳهائِي، رَنجُ پِرِيان ڪي رَسِيو،
چَڪِيَمُ چَڱائِي، سُورانگهي سُورِيءَ تان.
سورنو (ڪـ2-بيت 1)

8

سُورِيءَ سَڎُ ٿِيو، ڪا هَلَندِي جيڏِيُون؟
وَڃَڻُ تَنِ پِيو، نالو نِينهُن ڳِنَنِ جي.
سورنو(ڪـ2-بيت 3)

9

سُورِيءَ مَٿي سيڻَ، ڪِهَڙِي ليڪي سَنَرا!
جيلَه لِڳا نيڻَ، تي سُورِيائِي سيجَ ٿِي.
سورنو(ڪـ2-بيت 7)

10

سُورِيءَ چَڙهَڻُ، سيجَ پَسڻُ، اِيُّ ڪَمُ عاشِقَنِ
پاهُون ڪِينَ پَسَنِ، سائُو هَلَنِ سامُهان.
دوهو سورنو(ڪـ2-بيت 8)

11

كاتِيءَ تِڪِي مَ تِئِي، مَرُ مُنيائِي هوءِ،
مانَ وَرَمَنِ توءِ، مُون پرِيان جا هَٿڙا.
دوهوسورٺو(ڪ2-بيت 12)

12

ڪاتِي جا قُرِيبَ جِي، سا هَڏُ چِيري چَمُ،
عاشِقَنِ پنهنجو اڳُ، الله/ للهُ) ڪارَڻِ وَڍِيو.
دوهو سورٺو(ڪ2-بيت 13)

13

جان وَڍِين تان ويهُ، نہ تہ وَنِيو واٽ وانءُ ٿُون،
هِيءُ تَنِين جو ڏيهُ، ڪاتِي جَنِين هَٿَ ۾.
سورٺو(ڪ2-بيت 15)

14

سِرَ جُدا، ڌَڙَ ڌارَ، دوڳَ جَنِين جا ديڳِ ۾،
سي مَرُ ڪَنِ پچارَ، حاضِرِ/ هڪيا) جَنِ جي هَٿَ ۾.
سورٺو(ڪ2-بيت 26)

15

ديڳِيين دوڳَ ڪَڙهَنِ، جِتِ ڪَڙِيين ڪَڙڪو نہ لَهي،
تِتي طَبِيبَنِ، چاڪَ چِڪَندا ڇَڏيا.
سورٺو(ڪ2-بيت 27)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

16

سِسِي سي گُهرَنِ، جي واڻِندڙَ وِچ ۾،
اُوءِ کِي ٻِيو پُڇَنِ، سَرو جَن سَنباهِيو؟
سورٺو(ڪ2-بيت 28)

17

مُلِهہ مَهانگو قَطرو، سِڪَڻُ شَهادت،
اَسان عِبادت، نَظَرُ نازُ پرِيَن جو.
دوهوسورٺو(ڪ2-بيت 32)

18

هَڏِ نہ وَٺِي هاڻِ مُون، ويڄَنِ جِي وِصالَ،
هِنَّ منهنجي حالَ، حَبِيبُ، ئِي هادِي ٿِيو.
دوهو سورٺو(ڪ3-بيت 2)

19

سوئِي راهَ رَدِّ ڪري، سوئِي رَهنُماءُ،
وَتُعِزُّ مَنۡ تَشَآءُ، وَتَذِلُّ مَنۡ تَشَآءُ.
دوهو سورٺو(ڪ3-بيت 7)

20

سِڪِين ڪُهَ سَلامَ کِي، ڪَرِين ڪُهَ نہ سَلامُ؟
ٻِيا دَرَ تَنِّ حَرامُ، اِيءُ دَرُّ جَنِين ڏيکِيو.
دوهو سورٺو(ڪ3-بيت 9)

21

مِٺايان مِٺو گهٽو، ڪَڙو ناهِ ڪَلامُ،
سُڪُوتُ ئِي سَلامُ، پِريان سَندي پارَ جو.

دوهو سورٺو(ڪـ3-بيت 10)

22

پِريان سَندي پارَ جِي، مِڙَئِي مِٺائِي،
ڪانهي ڪَڙائِي، چَکِين جي چيٽُ ڪري.

دوهو سورٺو(ڪـ3-بيت 11)

23

ٻاڙِي ٻُجِهي جَنِ، توسِين سُورَ سَجَ ڪِي
تون ڪيئن سَندِيون تَنِ، پَرَ سين پَچارُون ڪَرين.

سورٺو(ڪـ3-بيت 12)

24

حَبِيبَنِ هيڪارَ، مَنجهان مِهرَ سَڏُ ڪِيو،
سو مُون سَيَ ٻمارَ، اورَڻُ اُهوئِي ٿِيو.

سورٺو(ڪـ3-بيت 14)

25

کُهَنّ تان کَرَ لَهَنّ، کَرَ لَهَن تان کُهَنّ،
سيئِي، ماءِ! مُهَنّ، سيئِي راحَتَ رُوحَ جِي.

دهو سورٺو(ڪـ3-بيت 19)

## ٽي سٽا بيت

1

وَحدَهٗ لا شَرِيڪَ لَهٗ، جان تو چئين اِيئَن،

تان مَج مُحَمَّدُ ڪارڻِي، نِرتُون مَنجهان نِيهَن،

تان تُون وَڃيو ڪِيئَن، نائين سِرُ ٻِيَن کي.

ڏهو ميل(ڏوهو اڏ سورٺو) ڪلياڻ 1-5

2

وَحدَهٗ لا شَرِيڪَ لَهٗ، جَڏِهَن چَيو جَنّ

تَنّ مَڃيو مُحَمَّدُ ڪارڻِي، هيجان ساڻُ هِنيئَن،

تَڏِهَن مَنجهان تَنّ اَوتَرُ ڪو نہ اولِيو.

ڏوهو ميل(ڏوهو اڏ سورٺو) ڪلياڻ 1-6

3

وَحدَهٗ لا شَرِيڪَ لَهٗ، جَنّ اُتوسين اِيمانَ،

تَنّ مَڃيو مُحَمَّدُ ڪارڻِي، قلبَ ساڻُ لِسانَ،

اُوءِ فائِقَ ۾ فرمانَ، اَوتَرِ ڪِنهن نہ اولِيا.

ڏوهو ميل(ڏوهو اڏ سورٺو) ڪلياڻ 1-7

4

اَوتَرِ ڪِنهن نہ اولِيا، سُتَرِ وِيا سالِمَ،

هيڪائِي هيڪُ ٿِيا، اَحَدَ سين عالِمَ،

بي ٻها بالِمَ، آڳي ڪِيا اَڳهين.

ڏوهو ميل(ڏوهو اڏ سورٺو) ڪلياڻ 1-8

5

آڳِي ڪِيا اَڳِهين، نِسورو ئِي نُورُ،
لَا خَوفُ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ، سَچَنِ کونَهي سُورُ،
موليٰ ڪِيو مَعمُورُ، اَنگُ اَزَلَ ۾ اُنِ جو.
دوهو ميل(دوهو اڌ سورنو) ڪلياڻ 1-9

6

سِرُ ڏُونُڊِيان، ڏَڙُ نہ لَهان، ڏَڙُ ڍونُڍِيان، سِرُ ناهِ،
هَٿَ ڪَرايُون آڱَرِيُون، وِيا ڪَپَجِي ڪانهِ،
وَحدَتَ جي وِهانءِ، جي وِيا، سي وَڍِيا.
دوهو ميل(دوهو اڌ سورنو) ڪلياڻ 1-13

7

وَحۡدَهُ لَا شَرِيۡکَ لَهُ، ٻُڌِئِي نہ ٻوڙا،
ڪي(ڪِ) تو ڪَنين نہ سُئا، جي گهٽَ اَندَر گهوڙا،
ڳاڙِيندين ڳوڙَها، جِتِ شاهِدَ تِيندءِ سامُهان.
دوهو ميل(دوهو اڌ سورنو) ڪلياڻ 1-14

8

وَحۡدَهُ لَا شَرِيۡکَ لَهُ، اِيءُ وِهائِج وِيءُ،
ڳَنين يا(جي) هارائين، هَنڌُ تُنهنجو/ تهجو) هِيءُ،
پاٽِهان(پاٽا) چُوندَئِي/ چُندءِ) پِيءُ يَرَي جامُ جَنَّتَ جو.
دوهو ميل(دوهو اڌ سورنو) ڪلياڻ 1-15

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

9

عاشِقُ چئو مَ اُنَ کي، مَ کِي چئو مَعشُوقُ،
خالِقُ چئو مَ خامَ تُون، مَ کِي چئو مَخلُوقُ،
سَلِج تِنهَن سُلُوکُ، جو ناقِصَا نِگِيو.

دوهو ميل(دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 17-1

10

وَحدَتان ڪَثرتَ ٿِي، ڪَثرتَ وَحدَتَ ڪُلَّ،
حَقُّ حقِيقِي هيڪڙو، بولِيءِ ٻِيءِ مَ ڀُلُّ،
هُو هُلاچو هُلُّ، بِاﷲِ سَندو سَجَڻين.

دوهو ميل(دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 18-1

11

ڪوڙين ڪايائون تُنهنجيون/تهجيون)، لِکَن لَکَ هَزارَ،
جِيءُ سَڀِ کنهن جِيءُ سين، دَرسَنُ ڏارو ڏارَ،
پرِين/پِريم)، تنهنجا پارَ، ڪِهڙا چَئِي ڪِيئَن(ڪِيءُ) چُوان.

دوهو ميل(دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 24-1

12

اَنڊا اُونڊا ويڄ! ڳَلَ ڳُجاڙِيا ڪانئِين؟
اسان ڏُکِي ڏِيل ۾، تُون پيارِئين پيڄَ!
سُورِي جَنِين سيڄَ، مَرَڻُ تَن مُشاهِدو.

دهو ميل( سورٺو وچ دوهو) ڪلياڻ 2-2

13

سُورِي سَڌُ ڪَرِي، اُپِي عاشِقَنِ ڪِي،
جي اَتِي سَڌَ سِڪَڻُ ۾، تہ ڪَوءِ مَ، پيرُ پري،
سِسِي ڏارَ ڏري، پُڇج پوءِ پِريتَڻُون.
سورٺو ميل(سورٺو وچ دوهو) ڪلياڻ 2-4

14

سُورِي آهِ سينگارُ، اَکِين عاشِقَنِ جو،
مُڙڻُ موٽڻُ مِيهڻو، تِيا نِظاري نِروار،
ڪُسَڻُ جو قرارُ، اَصُلِ عاشِقَنِ ڪي.
سورٺو ميل(سورٺو وچ دوهو) ڪلياڻ 2-5

15

سُورِي سِينگاري، اَصُلِ عَاشِقَنِ ڪي،
لُڏِيا ڪِينَ لَطِيفُ چئي، تِيا نيزي نِظاري
ڪونِيو ڪِناري، آڻِيو چاڙهي اُنِ ڪي
سورٺو ميل (سورٺو وچ دوهو) ڪلياڻ 2-6

16

سُورِيءَ تي سَئووارَ، ڏِهاڙِيو چَنگِ چَڙهِين،
جِمَ وِرچي چَڏِئِين، سِڪَڻُ جي پَچارَ،
پِرَتِ نہ پسِين پارَ، نينهن/نيهُ) جِئان ئِي/جِئائِين) نِڱيو.
سورٺو ميل (سورٺو وچ دوهو) ڪلياڻ 2-9

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

17

پھرين كاتِي پاءِ، پُڄَج پوءِ پرِيتڙو،
ڏُکُ پِريان جو ڏِيلَ ۾، واڄَٽ جِيئن( جِيَ) وَڄاءِ،
سِيخُنِ ماهُ پَچاءِ، جي نالو ڳِيڙُءِ نينهن جو.

سورٺو ميل (سورٺو وچ دوهو) ڪلياڻ 2-10

18

ڪاتِيءَ ڪونهي( ڪونه) ڏوهُ، ڳُنُ وڍِيندڙَ هَٿَ ۾،
پَسيو پَرِ عَجِيبَ جِي، لِڇيو وَجي لوهُ،
عاشِقَنِ اندوهُ، سَدا مَعشُوقَنِ جو.

سورٺو ميل (سورٺو وچ دوهو) ڪلياڻ 2-11

19

جي تو سِڪَڻُ سِکِيو، تہ ڪاتِيءَ پُٺِي مَ ڪِنجُھہ،
سُپيرِيان جي سُورَ جو، ماڙهُنِ ڏجي نہ مَنجُھہ،
اَندَرِ اِيءُ اهنجُ، سانڍِج سُکائُون ڪري.

دوهو ميل(دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 2-14

20

ڪاتِي جَڻ ڳري، مان لَنوءُ لَڳو تَنِ سين،
مُحَبَتَ جي مَيدانَ ۾، وَجان پيرَ پَري
اَڏِيءَ سِرُ ڌري، مانَ ڪُهَنئُون سُپِرين

سورٺو ميل (سورٺو وچ دوهو) ڪلياڻ 2-16

21

جي اَٽيئي/اَٽِي) سَڏُ سُرڪَ جِي، تہ وَنءُ ڪلاڙڪي هَٽِ،
لاهي رَڪُ لطيف چَئِي، مَٽو ماٽي وَٽِ،
سِرُ ڏيئِي ۾ سَٽِ پِيج ڪي پِيالِيون.
ڌهو سورٺو(دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 2-19

22

جي اَٽيئِي/اَٽِي) سَڏُ سُرَڪَ جِي، تہ وَنءُ ڪلاڙڪِي ڪُوءِ،
مَهيسَرَ جي مَنڍُ جِي، هُتِ هَڏهِين هُوءِ،
جان رَمزَ پَرُوڙِيَم رُوءِ، تان سِرَ وَٽِ سُرَڪِي سَگُهِي.
دوهو ميل(دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 2-20

23

جي اٽيئِي/اَٽِي) سِڪَ سُرَڪَ جِي، تہ وَنءُ ڪلاڙڪي گَرِ،
وَڍَڻُ، چِيرَڻُ، چِچرَڻُ، پُهَتِ اُنِيَن جِي پَرِ،
جي وَٽِي پُويئِي وَرِ، تہ سَهَنگِي آهِ سَيِّدُ چَئِي
ڌهو ميل(دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 2-21

24

ناٽي ناهِ ڪَڪُوهُ، ڪِي/ڪِيَن) مُلهہ/مُلِ) مهانگو/مَهنگو) مَنڊُ،
سَنباهجُ، سَيِّدُ چَئِي، ڪاٺَڻَ ڪارَڻِ ڪَنڊُ،
هِيءُ ٽَنِين جو هَنڊُ، مَٿَن پاسِ مَرَنِ جي.
دوهو ميل (دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 2-22

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

25

مَ ڪَرِ سَڏَ سَري جِي، جي تون تاريين ٺوهُ،
پِيتي جنهن پاسي ٽِٽي، مَنجهان رَڱِن رُوحُ،
ڪاٽي چِڪَ ڪَڪُوهُ، لاهي سِرُ، لطيفُ چئي.

دوهو ميل(دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 2-24

26

سَڏِڙيا سَري جُون/ جيون، ڪُهُ پَچارُون ڪَنِّ؟
جِہ ڪاتَ ڪُلاڙَنِ ڪَڍيا، تہ موتِيو پوءِ وَجَنِّ،
پِڪُون سي پِيَنِّ، سِرَ جَنِ/ جَنِين) جا سَٿِ ۾.

دهو ميل (دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 2-25

27

اَصُلِ عاشِقَ پنهنجي( پاهِجي) ، سِسِي نہ ساندِين،
لاهِيو سِرُ لطيفُ چَئي، ساهُ سلاڙِيو ڏِين،
ڪُلنِٺُون/ ڪلهنئون) ڪاٽِين، پُڄَنِ پوءِ پِريتَٺُون.

دهو ميل (دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 2-29

28

اَصُلِ عاشِقَن جو، سِرُ نہ ساندَڻُ ڪَمُ،
سَٺو سِسِٺان اڳرو، سَندو دوسان دَمُ،
هِيءُ هَڏو ءِ چَمُ، پِڪَ پِريان جِي نہ پَڙي.

دوهو ميل (دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 2-30

29

جي مَتي وَتِ مِڙَنِ، تہ سڀ ڪنهن سَڏَ ٿِئي،
سِرَ ڏِني سَٽِ جُڙي، تہ عاشقَ اِيئن/ اِيَ) اَچَنِ،
لِڏا تي لَيَنِ، مُلِهہ مَهانگا سُپرِين.

سورٺو ميل (سورٺو وچ دوهو) ڪلياڻ 2-31

30

اُتِياري اُتِي وِيا، مَنجهان مُون آزارَ،
حَبِيبَ ئِي هَٽِي وِيا، پِيڙا جِي پَچارَ،
طَبِيبَن تَنوارَ، هَڏِ نہ وَٽِي هاڻِ مُون.

دوهو ميل(دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 3-1

31

حَبِيبُ ئي هادِي تِيو، رَهنُما راحَتَ
پِيڙا نِيائِين پاڻُ سِين، لائي ڏِيئِي لَتَ،
سُپيرِيان صِحَتَ، ڏِنِيمِ منهنجا ڏُکندي

دهو ميل(دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 3-3

32

اُورِ ڏُکندو اوُ تِيئي، هادِي جنهن حَبِيبُ،
تِرُ تَفاوَتُ نہ ڪَري، تِنهن ڪي ڪو طَبِيبُ،
رَهنُما رَقِيبُ، سائِرِ صِحَتَ سُپرِين.

دهو ميل(دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 3-4

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

33

تو جَنِين جِي تاتِ، تَنّ پُٽِ آهي تنهنجِي،
فَاذْكُرُوْنِي اُذْكُرُكُمْ، اِيءَ پَرُوڙِج باتِ،
هَتِ ڪاتِي ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرِيَنِ جِي.
سورٺو ميل (سورٺو وچ دوهو) ڪلياڻ 3-13

34

پاٻوهي هيڪارَ، مُون ڪان پُڇيو سَڄَڻين،
اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ، چَياٿون جنهن وارَ،
سَندِي سُورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏاهَڪُون نہ لَهي.
سورٺو ميل(سورٺو وچ دوهو) ڪلياڻ 3-15

35

ڪوني ڪُهي سُپِرِين، ڪوني ڪُهَڻَ ساڻُ،
نيزي هيڻان نِينهن جِي، پاسي ڪَرِ مَ پاڻُ،
ڄُلُ، وِڃائي ڄاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامُهون.
دهو ميل(دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 3-17

36

ڪوٺَڻُ قَرِيبَن جو، عينُ ٿَرَڻُ آهِ،
اِيءَ اُلٽي ڳالهڙي، سِڪَ وَرَندِي ساهِ،
آسَرَ هَڏِ مَ لاهِ، چِٺَڻُ ڳنڍَڻُ اُنهَن/ اُنِ جو.
دهو ميل(دوهو اڌ سورٺو) ڪلياڻ 3-18

37

ڪُهي سو ڪَرَ لَهي، ڪوني سو قَرِيبُ،
اِها عادَتَ سِڪِيو، هَر زَمانُ حَبِيبُ،
تِجي سو طَبِيبُ، سوئِي راحَتَ رُوحَ جِي.

ڏهو ميل(ڏوهو اڏ سورٺو) ڪلياڻ 3-20

38

ڪُهَنِّ ۽ ڪونِين، اِيءَ پَرِ سَندِي سَجَڻِين،
سُورِي چاڙِهيو سُپِرِين، ڏُنيَ ڏِيهاڙِي ڏِين،
وينا وِرهُ وَتِين، آءُ واڏوڙِيا وِهاءِ ٿُون.

ڏهو ميل( ڏوهو اڏ سورٺو) ڪلياڻ 3-21

## چارستا بيت

1

جوڙِي جوڙَ جَهانَ جِي، پاڻُ ڪِيائِين پَرِوارُ،
حامِي، هادِي، هاشِمِي، سَرِدارين سَردارُ
سُنهي صحابَنِ سَتَّ ۾، مَنجهه مَسَجِدِ مٽيادارُ،
چارِئِي چڱا چئوڏارُ، هُئا هيڪاندا حَبِيبَ سين.

ڏهو ميل(ڏوهو، ڏوهو سورٺو) ڪلياڻ 3-1

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

2

وَحْدَهُ جي وَڏِيا، اِلاَاللهُ اَڏَ ڪِيا،
مُحَمَّدُ رَسُولُ چَئِي، مُسلِمانَ ٿِيا،
عاشِقَ عبدالطيف چَئي، اِنهِين پَهہ پِيا،
جيلانهِين ڏِٺيءَ ڏُٺا، تيلانهِين ويا وحدت ڳَڏِجي.

دوهو ميل(دوهو، دوهو ميل) ڪلياڻ 1-11

3

پاڻهِين/ پاڻہ) جَلَّ جَلاَلَهُ، پاڻهِين جانِ جمالُ،
پاڻهِين صُورتَ پِرينءَ جي، پاڻهِين حُسنُ ڪَمالُ،
پاڻهِين پِيرُ مُرِيدُ ٿِئي، پاڻهِين پاڻَ خَيالُ،
سَڀِ سَيوئِي حالُ، مَنجهان ئِي مَعلُومُ ٿِئي.

دوهو ميل(دوهو، دوهو سورٺو) ڪلياڻ 1-19

4

اَڳِيان اَڏِيُنِ وَٽِ، پوئِنَ سِرَ سَنباهِيا،
ڪَاتِ تہ پوين/پوءِ) قَبُولَ ٿِيو، مَجُڻَ پائِين/پايين) گهٽِ،
مَتّا مُهايَنِ جا، پِيا نہ ڏِسِين پَٽِ؟
ڪَلاڙڪي هَٽِ، ڪُسَڻَ جو ڪوپُ وَهي.

سورٺو ميل (سورٺو دهو، دوهو سورٺو) ڪلياڻ 2-17

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

5

جي اَتيئي/اَتِي) سَڏَ سُرڪَ جِي، تہ وَنءُ ڪلاڙَنِ ڪاڻي،
لاهي رَڪَ، لَطِيفُ چَئِي، مَتو وَتِ ماڻي،
تِڪُ ڏيئي پِڪَ پِيءُ، ٿُون گهوٽ مَنجهان گهاٽي،
جو وَرَنهَ وِهاڻي، سو سِرَ وَتِ سَرو سهانگو/ساهنگو).

ڏهو ميل(دوهو، دوهو سورٺو) ڪلياڻ 2-18

6

عاشِقَ زَهرُ پِياڪَ، وِهُ ڏِسِي/ پسيو) وِهُسَنِ گهڻو،
ڪڙي ۾ قاتِلَ جا، هميشهہ هيراڪَ،
لَڳِيَنِ لَنوءُ، لطيفُ چَئِي، فَنا ڪِيا فِراقَ،
توڙي چِڪَنِ چاڪَ، تہ بہ/ٿُپِ) آهَ نہ سَلَنِ عامَ کي.

سورٺو ميل(سورٺو ڏهو، دوهو سورٺو) ڪلياڻ 2-23

7

ساٿَرِ صِحَتَ سُپِرِين، آهي نہ آزارُ،
مَجِلسُ وَيرَ مِنو ٿِيئِي، ڪونِيندي ڦهارُ،
خَنجَرُ تنهن خوبُ هڻي، جنهن سين ٿِيئي يارُ،
صاحِبُ رَبُّ سَتّارُ، سوجهي رَڳُون ساهَ جِيُون.

ڏهو ميل(ڏهو، ڏهو سورٺو) ڪلياڻ 3-5

8

رَڳُون تِيُون رَبابُ، وَڄَنِ ويلَ سَيَ ڪَنهِين،
لُڇَڻُ ڪُڇَڻُ نہ تِيو، جانِبُ ري جَبابُ،
سوئِي سَنڌِيندُم سُپرِين، ڪِيَسِ جنهن ڪَبابُ،
سوئِي عينُ عَذابُ، سوئِي راحتَ رُوحَ جِي.
سورٺو ميل(سورٺو دوهو، دوهو سورٺو) ڪلياڻ 3-6

9

پَرِ ۾ پُڇِياٽُون، عِشقَ جي اَسَبابَ کي،
دارُون هِنَ دَرِدَ جو، ڏاڍو ڏِسياٽُون،
آخِرُ والعَصرَ جو، اِيهِين اَتائون
تِهان پوءِ آٽُون، سِڪان تِي سَلامَ کي.
سورٺوميل(سورٺو دوهو، دهو سورٺو) ڪلياڻ 3-8

10

پابوهِيو پُڇَنِّ، ڪِتي هَٺُ حبِيبُ جو؟
نيزي هيٺان نِينهن جي، پاسي پانءُ نہ ڪَنِّ،
عاشِقَ اَجَلَ سامُهان، اُنچي ڳاٽِ اَچَنِّ،
ڪُسَڻُ قُربُ جَنِّ، مَرَڻُ تَنِّ مُشاهِدو.
سورٺو ميل( سورٺو دوهو، دهو سورٺو) ڪلياڻ 3-16

# پنج سٹا بيت

1

اَوَلُ، اللهُ، عَلِيمُ، اَعليٰ، عالَمَ جو ڌڻِي،
ٿادِرُ پَنهِنجِي ٿُدرَت سين، ٿائِمُ آهِ ٿَدِيمُ،
والِي، واحِدُ، وَحَدهُ، رازِق، رَبُّ رَحِيمُ،
سو ساراهِ سَچوڏڻِي، چَئِي حَمدُ، حَڪِيمُ،
ڪَري، پاڻَ، ڪرِيمُ، جوڙُون، جوڙَ، جهانَ جِي.
دهو ميل( ٻہ دوها اڌ سورٺو) ڪلياڻ 1-1

2

جوڙي جوڙَ جهانَ جِي، جڏهن جوڙِيائين،
خاوَندُ خاص خَلِقي، مُحَمَّدُ مُڪائِين،
ڪلمو تنهن ڪَريمَ تي، چِٽو چايائين،
اَنا مولاڪَ و اَنتَ مَحبُوبِيَ اِيَّ اُتائِين
ڏِڪِي ڏِنائِين، ٻَئِي سَراتُون سَيّد چئي.
دوهو ميل ( ٻہ دوها اڌ سورٺو) ڪلياڻ 1-2

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

3

وَحدَهُ لَا شَرِيڪَ لَهُ چَئِي، چُوندو آءُ،

فَرَضَ، واجِبَ، سُنَتُون، تِنِيئُون تَرڪُ مَ پاءِ

توبَهَ سندِي تَسبِيح، پَڙهَڻَ ساڻُ پُڇاءِ

نِڳا پَنهنجي نَفسَ کي، ڪا سَئِين راهَ سُونهاءِ،

تَہ سَندِي دوزَخَ باهِہ، تو اوڏِيائِي نہ اَچي.

دوهو ميل(ٻہ دوها اڌ سورٺو) ڪلياڻ 1-4

4

وَحدَهُ جي وَڍِيا، اِلَا اللّٰهُ سين اورين،

هِنيون حَقِيقَتَ گَڏِيو، طَرِيقَتَ تورِين،

مَعرِفَتَ جِيءَ ماٿِ سين، ڏيساندَرُ ڏورِين،

سُکِ نہ سُتا ڪَڏِهين، ويهِي نہ وورِين،

ڪُلهنِڻُون/ڪلنئون ڪُورِين، عاشِقَ، عبداللطيف چَئِي.

دوهو ميل( ٻہ دوها اڌ سورٺو) ڪلياڻ 1-10

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# بيتن جي ڏسٽي الف بي وارا

## الف


1. اُتياري اُتِي وِيا،(ڪلياڻ3-1) پيج 13
2. اصلِ عاشِقَ پنهنجي،(ڪلياڻ2-29) پيج 12
3. اصُلِ عاشِقَن جو،(ڪلياڻ2-30) پيج 12
4. اکِهي اکهائي،(ڪلياڻ2-1) پيج 2
5. اڳِيان اڏِينِ وَتِ،(ڪلياڻ2-17) پيج 16
6. انڌا اُونڌا ويجَ!(ڪلياڻ2-2) پيج 8
7. اَوَتڙِ ڪِنهن نہ اوليا،(ڪلياڻ1-8) پيج 6
8. اورِ ڏُکندو اوُ تيئي،(ڪلياڻ3-4) پيج 13
9. اَوَلُ، اللهُ، عَلِيمُ، (ڪلياڻ1-1) پيج 19
10. ايڪُ قصرُ، دَرَ لَکَ،(ڪلياڻ1-23) پيج 2
11. اَڳِي ڪِيا اَڳِهين،(ڪلياڻ1-9) پيج 7


## ٻ


1. پاٻوهي هيڪارَ،(ڪلياڻ3-15) پيج 14
2. پاٻوهِيو پُڃَنّ،(ڪلياڻ3-16) پيج 18
3. پاڻُهِين پَسي پاڻَ کي،(ڪلياڻ1-20) پيج 1
4. پاڻُهِين جَلَّ جَلالَهُ،(ڪلياڻ1-19) پيج 16
5. پَرِ ۾ پُڇِياڻُون،( ڪلياڻ3-8) پيج 18
6. پِريان سَندي پارَ جي،( ڪلياڻ3-11) پيج 5

7. ٻِڙاڏو سو سَڏُ،(ڪلياڻ22-1) پيج 1

8. ڀِرِين ڪاتِي پاءِ،(ڪلياڻ10-2) پيج 10


## ٽ


1. ٽو جَنِين جي تاتِ،(ڪلياڻ13-3) پيج 14


## ج


1. جانِ وَڍِين تانِ ويهُ،(ڪلياڻ15-2) پيج 3

2. جوڙي جوڙَ جَهانَ جِي،(ڪلياڻ2-1) پيج 19

3. جوڙي جوڙَ جَهانَ جِي،(ڪلياڻ3-1) پيج 15

4. جي اَٽيئي سَڏَ سُرڪَ جِي،(ڪلياڻ18-2) پيج 17

5. جي اَٽيئي سُڏَ سُرڪَ جِي،(ڪلياڻ19-2) پيج 11

6. جي اَٽيئي سَڏَ سُرڪَ جِي،(ڪلياڻ20-2) پيج 11

7. جي اِٽيئي سڪ سُرڪَ جِي،(ڪلياڻ21-2) پيج 11

8. جي تو سِڪڻُ سِکيو،(ڪلياڻ14-2) پيج 10

9. جي مَٽي وَٽِ مِڙَنِ،((ڪلياڻ31-2) پيج 13


## ڄ


1. ڄاڻِي ٻُجهي جَنِ،( ڪلياڻ12-3) پيج 5


## ح


1. حَبِيبُ ئي هادِي، ٿِيو،(ڪلياڻ3-3) پيج 13

2. حَبِيبَنِ هيڪارَ،( ڪلياڻ14-3) پيج 5


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## د

1. ديڳيين دو ڳ ڪَڙهَنِ،(ڪلياڻ2-27) پيج 3

## ر

1. رَڳُون تِيُون رَبابُ،( ڪلياڻ3-6) پيج 18

## س

1. سائرِ صِحتَ سُپرِين،( ڪلياڻ3-5) پيج 17
2. سَڏَڙيا سَري جون،(ڪلياڻ2-25) پيج 12
3. سِرَ جُدا، ڌَڙَ ڌارَ،(ڪلياڻ2-26) پيج 3
4. سِرُ ڏُونُڏِيان، ڌَڙُ نہ لَهان،(ڪلياڻ1-13) پيج 7
5. سِسِي سي گُهرَنِ،(ڪلياڻ2-28) پيج 4
6. سِڪِين ڪُہ سَلامَ ڪي،( ڪلياڻ3-9) پيج 4
7. سو هِيءُ، سو هُو،(ڪلياڻ1-21) پيج 1
8. سُورِي آهِ سينگارُ،(ڪلياڻ2-5) پيج 9
9. سُورِي سَڏُ ڪَري،(ڪلياڻ2-4) پيج 9
10. سُورِي سِينگاري،(ڪلياڻ2-6) پيج 9
11. سُورِيءَ تي سَئُوارَ،(ڪلياڻ2-9) پيج 9
12. سُورِيءَ چڙهُڻ،(ڪلياڻ2-8) پيج 2
13. سُورِيءَ سڏُ تِيو،(ڪلياڻ2-3) پيج 2
14. سُورِيءَ مَٿي سَينڻ،(ڪلياڻ2-7) پيج 2
15. سوئِي راهَ رَدِّ ڪري، سوئي رَهُنُماءُ،( ڪلياڻ3-7) پيج 4

1. عاشق چَئو مَ اُنَ ڪي،(ڪلياڻ17-1) پيج 8
2. عاشِقَ زَهرُ پِياڪَ،(ڪلياڻ23-2) پيج 6

## ڪ

1. ڪاتي جا قريبَ جي،(ڪلياڻ13-2) پيج 3
2. ڪاتِي جَنّ ڳِري،(ڪلياڻ16-2) پيج 10
3. ڪاتِيءَ تِڪِي مَ ٿِئي،(ڪلياڻ12-2) پيج 3
4. ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهُ،(ڪلياڻ11-2) پيج 10
5. ڪونڻُ ڦَريبَنِ جو،(ڪلياڻ18-3) پيج 14
6. ڪوني ڪُهي سُپِرين،( ڪلياڻ17-3) پيج 14
7. ڪوڙين ڪاياڻون ٿُنهنجيون،(ڪلياڻ24-1)
8. ڪُهِنّ ۽ ڪوٺِينِ،( ڪلياڻ21-3) پيج 8
9. ڪُهِنّ تان ڪَرَ لَهَنّ،( ڪلياڻ19-3) پيج 5
10. ڪُهي سو ڪَرَ لَهي،( ڪلياڻ20-3) پيج 15

## م

1. مَ ڪَرِ سَڌَ سَري جي،(ڪلياڻ24-2) پيج 12
2. مِٺايان مِٺو گهٽو،( ڪلياڻ10-3) پيج 5
3. مُلهه مَهانگو ڦَطرو،(ڪلياڻ32-2) پيج 4

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## ن

1. ناٽي ناهِ ڪَڪُوهُ،(ڪلياڻ2-22) پيج 11

## و

1. وَحَدَتان ڪَثرتَ ٿِي، (ڪلياڻ1-18) پيج 8
2. وَحَدَهُ جي وَڍِيا،اِلَا اللهُ سين اورِينِ،(ڪلياڻ1-10) پيج 20
3. وَحَدَهُ جي وَڍِيا،اِلَا اللهُ اَڏَ ڪِيا،(ڪلياڻ1-11) پيج 16
4. وَحَدَهُ جي وَڍِيا، ڪيا الله اڏ(ڪلياڻ1-12) پيج 1
5. وَحَدَهُ لَا شَرِيڪَ لَهُ ، جَنِ اُتوسين اِيمانَ،(ڪلياڻ1-7) پيج 6
6. وَحَدَهُ لَا شَرِيڪَ لَهُ، ايُ هيڪَڙائِيءَ حَقُّ(ڪلياڻ1-16) پيج 1
7. وَحَدَهُ لَا شَرِيڪَ لَهُ, لَهُ چَئِي، چُوندو آءُ،(ڪلياڻ1-4) پيج 20
8. وَحَدَهُ لَا شَرِيڪَ لَهُ, جان تو چَئِين اِيئَن(ڪلياڻ1-5) پيج 6
9. وَحَدَهُ لَا شَرِيڪَ لَهُ،ٻُڌَئِي نہ ٻوڙا،(ڪلياڻ1-14) پيج 7
10. وَحَدَهُ لَا شَرِيڪَ لَهُ، اِيءُ وِهائِج وِيءُ،(ڪلياڻ1-15) پيج 7
11. وَحَدَهُ لَا شَرِيڪَ لَهُ، جَڏِهَن چَيو جَنِّ(ڪلياڻ1-6) پيج 6

## ه

1. هَڏِ نہ وٽي هاڻِ مُون،( ڪلياڻ3-2) پيج 4

## بيتن جي شروعاتي اکرن مطابق تعداد جي نشاندهي

**الف 11 پ 8 ت 1 ج 9 ڃ 1 ح 2 د 1 ر 1 س 15**
**ع 2 ڪ 10 م 3 ن 1 و 11 ه 1**

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# طرِيقت تورِنِ

## پيشڪش: ڀٽائيات

## ڊجيٽل ايڊيشن پهريون

## ڊسمبر 2022

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود هجن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book